# سنڌ آرڊيننس نمبر Vمجريه 1970
# SINDH ORDINANCE NO. V OF 1970
# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES TAXATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

(Contents) فهرست


تمهيد

Preamble

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII ۾ "ڊائريڪٽر" ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جي "ڊائريڪٽر جنرل" ۽ "ڊائريڪٽر" سان تبديلي.

Substitution of "Director" and "Deputy Director" by "Director-General" and "Director" in W.P. Act XXXII of 1958

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي سيڪشن 2 جي ترميم.

Amendment of section 2 of W.P. Act XXXII of 1958



**سنڌ آرڊيننس نمبر Vمجريه 1970**

# SINDH ORDINANCE NO. V OF 1970

# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970

# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES TAXATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1970

[27 آگسٽ، 1970]

تمهيد
Preamble

اولهه پاڪستان وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ 1958 ۾ ترميم (Amendment) جو آرڊيننس

جيئن ته اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ڪي صوبي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هي آرڊيننس اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII۾ "ڊائريڪٽر" ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جي "ڊائريڪٽر جنرل" ۽ "ڊائريڪٽر" سان تبديلي.

2. اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾، صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ايڪٽ ۾ ڄاڻايل لفظ "ڊائريڪٽر"، ۽ "ڊپٽي ڊائريڪٽر" جتي به اچي، اهي لفظ "ڊائريڪٽر جنرل"، ۽ "ڊائريڪٽر" ترتيبوار تبديل (Substituted) ويندا.

| | |
|---|---|
| 3. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه -2 (Section-2) ۾، شقن (g) ۽ (h) لاءِ، هيٺيون شقون (Clauses) متبادل هونديون، يعني:-<br>"(g) 'ڊائريڪٽر جنرل' مطلب حڪومت طرفان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن کاتي جي اڳواڻ طور مقرر ڪيل عملدار، ۽<br>"(h) 'ڊائريڪٽر' مطلب حڪومت طرفان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي ڊائريڪٽر طور مقرر ڪيل هڪ عملدار، ۽ حڪومت طرفان هن ايڪٽ تحت ڊائريڪٽر جا فرض انجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل هڪ عملدار شامل آهي. | 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي سيڪشن 2 جي ترميم.<br>Amendment of section 2 of W.P. Act XXXII of 1958 |

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.